PILDAT
Pakistan Institute of
Legislative Development
And Transparency

# مانيٽر

## پاڪستان ۾ رائٽ ٽو انفارميشن جي ۾ قانوني پيش رفت

جولائي 2015

## پاڪستان ۾ رائٽ ٽو انفارميشن جي جولائي 2015 ۾ قانوني پيش رفت

### پاڪستان رائٽ ٽو انفارميشن جو مسودو ممڪن طور تي سي ايل ڊي جي بين القوامي ريٽنگ ۾ بلند درجو ماڻي سگهي ٿو

ڪئناڊا جي سينٽر فار لا اينڊ ڊيموڪريسي پاڪستان جي رائٽ ٽو انفارميشن جي قانوني مسودي جو معائنو ڪندي اهو نتيجو اخذ ڪيو آهي ته جيڪڏهن هي بل موجوده حالت ۾ پاس ٿي ٿو وڃي ته اهو دنيا جو بهترين ترين بل هوندو. سي ايل ڊي بين القوامي ريٽنگ پراجيڪٽ جي تحت مختلف نشانين جي بنياد تي سڄي دنيا جي آر ٽي آءِ قانونن جي درجه بندي ڪندي آهي.

پاڪستان حڪومت پاران تيار ڪيل رائٽ ٽو انفارميشن جو قانوني مسودو 146 پوائنٽس سان بين القوامي آر ٽي آءِ ريٽنگ ۾ پهرين نمبر تي آهي. جڏهن ته سربيا 135 پوائنٽس سان رائٽ ٽو انفارميشن واري رينڪنگ ۾ ٻي نمبر تي آهي.

پاڪستان جو موجوده پراڻي فريڊم آف انفارميشن 2002 آرڊيننس 66 پوائنٽس وٺي 102 ملڪن ۾ 83 نمبر تي آهي. انڊيا 128 اسڪور سان ٽئين نمبر تي آهي.

پلڊيٽ پاڪستان حڪومت کي انهي غير معمولي ڪاميابي تي ڀرپور مبارڪباد ڏيئي چڪي آهي ۽ انهي مسودي کي قانون بنائڻ لاءِ پڻ گهر ڪئي آهي.

پلڊيٽ سنڌ ۽ بلوچستان حڪومتن کي پڻ درخواست ڪئي آهي ته اهي پراڻي آر ٽي آءِ قانونن کي موجوده دور جي حالتن ۽ ضرورتن مطابق نئين قانونسازي ڪري تبديل ڪن.

### عوام جي ايم اين ايز جي حاضري واري رڪارڊ کي پڊرو ڪرڻ واري درخواست ۾ ڪاميابي

پاڪستان جي صدر وڏي عرصي کان پيل قومي اسيمبلي جي ايم اين ايز جي حاضري واري رڪارڊ تائين عوام جي رسائي کي روڪڻ واري درخواست کي رد ڪري ڇڏيو. انهي فيصلي تي عمل ڪندي قومي اسيمبلي جي ميمبرن جي حاضري 5 جون 2015 کان آن لائن پڊرو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ۾ قومي اسيمبلي هي تازو ٽيل ٽيويهين ۽ چوويهين اجلاس ۾ ميمبرن جي حاضري پڻ شامل آهي.

قومي اسيمبلي پاڪستان جي صدر اها درخواست وفاقي محتسب پاران جاري ڪيل آڪٽومبر2013 واري حڪم نامي جي خلاف ڪئي هئي جنهن مطابق پلڊيٽ ايم اين ايز جي حاضري واري رڪارڊ کي پڊرو ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي. صدر پاڪستان 06 جولائي واري احمد بلال محبوب ۽ قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ واري فيصلي ۾ وفاقي محتسب ايم اين ايز جي حاضري واري رڪارڊ کي پڊرو ڪرڻ واري فيصلي کي محفوظ رکندي قومي اسيمبلي جي درخواست رد ڪري ڇڏي ۽ اهو فيصلو ڏنو ته اهڙو ڪو به رڪارڊ اسيمبلي جي سيشن ملتوي ٿيڻ جي پندرهن ڏينهن اندر ازخود پڊرو ٿيڻ گهرجي.

### اسلام آباد لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2015 ۾ رائٽ ٽو انفارميشن جي خاطري

09 جولائي تي سينيٽ اسلام آباد لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ **2015** جو بل پاس ڪيو. جنهن ۾ بين شين سان گڏوگڏ عام ماڻهو جي معلومات تائين رسائي واري حق جي پڻ خاطري ڪرائي وئي آهي. بل کي قانون بنائڻ لاءِ صدارتي منظوري اجا باقي آهي.

## هن اشو ۾؛

I. پاڪستان پاران تيار ڪيل آر ٽي آءِ قانوني مسودي جي بين القوامي آر ٽي آءِ رينڪنگ ۾ برتري حاصل
II. ايم اين ايز جي حاضري واري رڪارڊ کي پڊرو ڪرڻ واري درخواست ۾ عوام جي ڪاميابي
III. اسلام آباد لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2015 ۾ رائٽ ٽو انفارميشن جي خاطري
IV. خيبر پختونخوا جي صوبائي اسيمبلي خيبر پختونخوا رائٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2013 جي هاڻ وڌيڪ پابند ناهي
V. خيبر پختونخوا رائٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2013 جا قاعدا ۽ ضابطا اجا تائين جاري ناهن ڪيا ويا
VI. پلڊيٽ جو سنڌ سرڪار کي نئين رائٽ ٽو انفارميشن جي قانوني مسودي کي عوام سان ونڊڻ تي زرو
VII. کي پي آر ٽي آءِ ڪميشن جي مردان ۾ سرڪاري يونيورسٽي جي رجسٽرار کي ڏنڊ
VIII. کي پي آر ٽي آءِ ڪميشن جي شڪايتن جي ڪاروائي جو جولائي 2015 مهيني جو جائزو
IX. انڊيا جي سپريم ڪورٽ سياسي پارٽين کي آر ٽي آءِ ايڪٽ جي زمري هيٺ آڻي ڇڏيو
X. معلومات تائين رسائي واري شڪ کي UN-SDG جي مستقبل وارين ڳالهين کان خارج ڪري سگهجي ٿو
XI. آمريڪا پاران نئون فريڊم آف انفارميشن رسپانس سسٽم جو شروعات ڪندو

انهي مانيٽرکي پلڊيٽ پاران ڊيويلپمينٽ آلٽرنيٽوز انڪ (ڊي اي آئي) جي انهينسڊ ڊيموڪريٽڪ اڪائونٽيبلٽي انيڊ سوڪ انگيجمينٽ (اي ڊيس) پراجيڪٽ جي ماتحت تيار ڪيو ويو آهي.

انهي بل جي سيڪشن 113 مطابق بلدياتي حڪومت پنهنجن هر فيصلن ۽ ڪاروائن جو رڪارڊ قائم رکڻو آهي ۽ انهي سان گڏوگڏ اليڪٽرانڪ رڪارڊ قائم رکڻ تي پڻ زور ڏنو ويو آهي. انهي بل ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته بلدياتي حڪومت ڪاتي ۾ مقرر ڪيل انفارميشن عهديدار درخواستن کي اڪلائيندا ۽ منهن ڏيندا.

## خيبر پختونخوا رائٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2013 جا قاعدا ۽ ضابطا اڃا تائين جاري ناهن ڪيا ويا

هڪ ڪان وڌيڪ سال گذرڻ باوجود خيبرپختونخواه جي حڪو مت پاس ٿيندڙ رائٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ جا هيل تائين قائدا ۽ ضابتا ناهي ناهي سگهي. رائٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ نومبر 2013 ۾ خيبرپختونخواه جي اسيمبلي پاس ڪيو هيو. منظوري ڪان بعد، خيبرپختونخواه آر ٽي آءِ ڪميشن هڪ آزاد نگراني وارو ادارو قائم ڪيو آهي جنهن جو ڪم نگراني ۽ رابطن جا طريقيار، معيار ۽ ضابطا جاري ڪرڻا هئا ته جئين سرڪاري ادارن جي پيروي ڪجي ۽ صوبي اندر معلومات کي پڌرو نه ڪرڻ وارن جون شڪايتون وٺي سگهجن.

خيبر پختونخواه جي حڪومت آرٽي آءِ ايڪٽ 2013 جي ڪاروائي جا ضابتا جاري ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ۽ ڪي پي آرٽي آءِ ڪميشن پڻ گهٽ ۾ گهٽ عوامي رڪارڊ جاري ڪرڻ ۾ ناڪام رهي. انهي ٻنهي مسئلن جي ڪري صوبي اندر ڪليل معلومات جو دور قائم ٿئي، قانون ۽ ضابتن کي جاري ڪرڻ بغير ڪي پي آرٽي آءِ ڪميشن کي مسلسل پوئيواري ڪرڻ ۾ مشڪلات پيش ٿيندي.

## پلڊيٽ سنڌحڪومت تي زورپريندي چيوآهي ته بين الاقوامي معيارمطابق قانوني مسودو تيار:

پلڊيٽ سنڌ حڪومت تي زور پريندي چيو آهي ته بينالاقوامي معيار مطابق قانوني مسودو تيار ڪري ۽ انهن سان گڏوگڏ آرٽي آءِ کي عوام جي رائي ۽ موٽ لاءِ مطارف ڪرائي

تجزيا نگارن سنڌ حڪومت تي عوام سان آرٽي آءِ مسودو نه ونڊڻ تي خدشن جو اظهار ڪيو جڏهن ته وزيراعلي جي صلاحڪار شرميلا فاروقنقيد جو جواب ڏيندي انهن ڳاله جي عوام کي خاطري ڪرائي ته مسودي جو بل اڃان زير غور اهين حتمي شڪل ڏيڻ کان پوءِ سماجي تنظيمن سان قانوني مسودو ونڊيووينڊو.

جئين ته ڪنهن به قانون کي اثرئتي طور لاڳو ڪرڻ لاءِ وڏي پيماني تي عوام جي حمايت ۽ رائي گهربل هوندي آهي، سنڌ حڪومت عوام جي شرڪت ۽ خاطري بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن.

## ڪي پي آرٽي آءِ ڪميشن جو مردان يونيورسٽي جي رجسٽرار تي ڏنڊ:

تازو هي ڪي پي جي آرٽي آءِ ڪميشن کي هڪ عوامي شڪايت موسول ٿي جنهن ۾ مردان جي عبدالولي خان يونورسٽي جي گهربل معلومات نه رکڻ جي شڪايت ڪئي وئي، جنهن تي ڪميشن هڪ مثالي فيصلو ڏنو.

ڪميشن جيعبدالوليخانيونورسٽي جي رجسترار شير عالم خان تي 25000هزار ڏنڊهنيو ويوجنهن نوڪرين جي مقرري واري معلومات ڏيڻکان انڪار ڪيو هيو. اهو پهريون دفو آهي ته آرٽي آ ڪميشن ڪنهن آفيسر کي سزا ڏني وئي.

ڏنڊ لڳل رسسترار نه صرف ڏنل وقت تي معلومات جي رسائي جاري ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو پر جون 17 ،2015 تي جاري ڪيل شوڪاز جو جواب ڏيڻ ۾ به ناڪام رهيو.پلڊيٽ سمجهي ٿي ته اهڙا مثالي فيصلا ڏئي هڪ مثال قائم ڪئي وجي ته جئين صوبي جاسي افيسر عوامي معلومات کي پڌرو ڪن.

پلڊيٽ سمجهي ٿي ته انهي عمل کي وڌائيدي نيشنل اڪنتبلٽي بيورو يونورسٽي ۾ غلط طريقي سان مقرر ڪيل آفيسرن جي جاچ ڪري، ۽ هڪ اهڙو سبق ڏنووڃي ته ڪوبه ڪنهن غلط ۽ ڪرپٽ آفيسر کي سهارو ڏئي نه سگهي.

## جولاءِ 2015 ۾ ڪي پي آرٽي آءِ ۾ لڳل شڪايتن جون ڪارويون :

“شڪيتن جي بيانن جي رپورٽ 2015 ” جيڪا ڪي پي آرٽي آءِ ڪميشن جاري ڪئي آهي، هن رپورٽ موجب ڪي پي آرٽي آءِ ڪميشن کي جون ۾ معلومات کي پڌرو نه ڪرڻ جون 117 شڪايتون مليون، جنهن ۾ 10 شڪايتون اڪلايون ويون جنهن ۾ ڪميشن پهنجي بنيادي اختيار کي استعمال ڪندي ڪيو. باقي بيا ڪيش اڃاهلندڙ آهن ۽ ادارن کي آگاهي ڏني وئي آهي ته 15 ڏيهن جي اندر اندر عوامي معلومات کي پڌرو ڪن.

پلڊيٽ سالياني رپورٽ جاري ڪرڻ جو خير مخدم ڪيو آهي جنهن ۾ ڪيشن سال ۾ ٿيندڙ فيصلا ۽ انهن تي عمل درآمد جاري ڪيا ويا آهن. قانوني زميوارين موجب صوبي لاءِ هي

هڪ عملي ۽ اثرائتي قانون سازي آهي.پلڊيٽ اميد ٿي ڪري ته وفاق ۽ صوبا ساڳي ريت ايف او آءِ ۽ آرٽي آءِ جا طور طريقا ئاهي سالياني معلومات جاري ڪن ته جئين شفاسيت نطر اچي ۽ آرٽي آءِ ۽ ادارن ۾ وڌ ۾ وڌ عوامي دلچسپي پيدا ٿئي.

## پارٽي سپريم ڪورٽ آرٽي آءِ اڪيٽ تحت سپني پارٽين کي نوٽيس جاري:

پارٽي سپريم ڪورٽ آرٽي آءِ ڪيس جي ٻڌٽي دوران سينٽرل

**حڪومت، اليڪشن ڪميشن ۾ ڇهن وڏنه پارٽين جهڙوڪ،** ڪانگريس، پارٽيا جنتا پارٽي، بهجن سماج پارٽي، ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا(ماڪسسٽ)، ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا ۽ نيشنل ڪانگريس پارٽي ڪي سماجي تنظيمن جي طرفان داخل ڪيل درخوست ڪي ٻڌندي چيو آهي ته انڊين رائٽ آف انفارميشن ايڪٽ 2005 ڪي مدي نظر رکندي ضروري آهي ته پارٽيون اساسا، انڪم ۽ خرچ عوام سان ونڊن.

سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ سينٽرل انفارميشن سياسي پارٽين ڪي هڪ خط جاري ڪيو هو جنهن ۾ چيو ويو هو ته تمام سياسي پارٽيون پهنجا اساسا، انڪم ۽ خرچ عوام سان ونڊن پر سياسي پارٽين معلومات ڏيڻ کان انڪار ڪيو هيو.

پلڊيٽ سمجهي ٿي ته اهو هڪ تمام وڏو ۽ سگاهرو عمل آهي جو ساوٿ ايشيا ريجن ۾ انڊيا آرٽي آءِ قانون ٺاهيو آهي. ساوٿ ايشياآرٽي آءِ قانون ۾ وڏين رڪاوٽن جي باوجود انڊيا يقين ڏهاني ڪرائي آهي ته سين سياسي پارٽين جي معلومات جاري ڪرائڻ لاءِ عملي قدم کڻنيا ويندا، اهو حڪومت جي ڪمن ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿو. انهن فيصلي جي ڪري هن علائقي ۾ سيني سرڪاري ادارن ۾ شفافيت ۽ احسثان جو عمل يقيني آهي. پاڪستان ۾ اڳئي اهڙو طريقو موجود آهي جنهن ۾ تمام سياسي جماعتون پهنجي سالاني رپورٽ اليڪشن ڪميشن ڪي جمع ڪرائن ٿيون جيڪا بعد ۾ عام معلومات لاءِ رکي ويندي آهي.

## اقوام متحدا جي معلومات جي رسا ئي جي ڪلاس يواين آيس ڊي جي شق جي رسائي تي وڌيڪ ڳاله بوله ٿي سگهي ٿي:

غير مبصرن جي معلومات تائين رسائي لاءِ گول 16.10تائين جي معلومات نه ڏنل آهي، نيو تارڪ ۾ ٿيل اقوام متحدا جي ترقي ۽ هدف حاصل ڪرڻ واري هاٽي به انهن بابت لاجواب آهي،تازي 8 جولا 2015ء تي جاري ڪيل ايس دي جي ايس گول ۾ ڪانه تبديلي نه آئي آهي.

انهن جي بر عقص ڪجه مبصرن ڪي دج اهي ته اگربينلاقوامي ڳالهين جي ستين ۽ اٺين دور ۾ ايس دي جي ايس گول ڪوليا ويا ياانهن ۾ تبديلي ڪئي وئيندي ۽ دنيا لاءِ پوسٽ 2015 ترقياتي ايجنڊا.

ميڊيا دعوا ڪئي آهي ته ۾ ايس دي جي ايس گول 16.10 ۾ تبديلي آندي ويندي. هڪ طرف ترقيءِ پيمائش جا مسلا، پلڊيٽ سمجهي ٿي تهاقوام متحدا هن گول ڪي وڌائي ۽ عالمي برادري لا ضروري اهي ته عملي طور تي آرٽي آءِ ڪي مجي ۽ انهن جي دنيا م پڌرائي ڪري. آرٽي آءِ جي عملي ڪم ڪي ڏسندي عوامي ۽ نجي شعبي جي ڪارڪردگي ۾ مضبوط رابطن لاءِ ضروري آهي ته عالمي برادري . آرٽي آءِ جي حمايت ڪري ۽ هڪ مضبوط قانون ٺاهڻ م مدد ڪري ته جئين دنيا ۾ سيني شهرين جو بهتر مستقبل ٺاهي سگهجي.

## اميريڪا لا هڪ آزاد ۽ جديد پائليٽ معلومت جي رسائي جوآنلائين نظام متعارف ڪرايو آهي:

15 جولاءِ 2015 ۾ اوباما انتظاميا ستن حڪومتي ادارن جي معلومات جي رسائي لاءِ آزاد ۽ جديد پائيلينٽ معلومت جي رسائي جو آنلائين نظام متعارف ڪرايو آهي.

هن جديد پائيلينٽ پروجيڪٽ جو نالو ”رليس ٽو ون: رليس ٽو آل“ رکيو ويو آهي جيڪو ڇهن مهينن لاءِ هلايو ويندو ۽ اندازو لڳايو ويندو، 10 جولا تي معلومات جي پاليسي قانون ۽ انصاف جي اداري طرفان پريس رليز جاري ڪئي وئي هئي. اگر اهو پائلٽ پروجيڪٽ ڪامياب ويو ته، معلومات حاصل ڪرڻ جو نظام، درخواست ڏين جو نظام ۽ آنلائين جواب جي مد ۾ گهربل معلومات جاري ڪئي ويندي.

سماجي تنظيمن جي طرفان حڪومت جي انهن فيصلي ڪي سارهايوويو آهي، تجزيي نگارن جو چوڻ آهي ته اهو قانون آمريڪي حڪومت جي ڪارڪردگي ڪي بهتر بڻايندو. عام طور تي مارچ 2015 جي آبٽ ۾ بهتر نه رهيو آهي ، جنهن ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته 60 فيصد حڪومتي ادارن قانون تي عمل ڪيو آهي.

اگر اهو پائلٽ پروجيڪٽ ڪامياب ٿيو ته تاريخ ۾ نه صرف آمريڪا پر دنيا لاءِ مثالي پروجيڪٽ طور ثابت شامل ٿيندو ۽ انهي سان حڪومتي ادارن ۾ پڻ خود احتسابي ۽ شفافيت جو نظام اچي ويندو